REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) آچر 07 جنوري 2024ع بمطابق 24 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 222

چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون، ملڪ هاڻ 28 مئي وارن جي حوالي ٿي رهيو آهي: مريم اورنگزيب

سينيٽ ۾ ڪالهه جيڪا قرارداد منظور ٿي ان جي صرف (ن) ليگ طرفان مخالفت ڪئي وئي، پي ٽي آءِ سينيٽ ۾ قرارداد جي حمايت ڪئي، مخالف پارٽيون روئين يا دانهون ڪن چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون

پي ٽي آءِ وارا سازش جي تحت پهريان لاهور هاءِ ڪورٽ ويا پوءِ سينيٽ قرارداد جو سات ڏنو هي ماڻهو اندر چپ رهندا آهن ۽ ٻاهران روڄ پٽڪو ڪندا آهن، جيلن ۾ ويهي ڏمڪيون ڏيڻ بند ڪريو

اهڙن ماڻهن کي پاڪستان جي عوام ووٽ نه ڏيندي پاڪستان جي عوام کي چونڊون گهرجن هي ملڪ هاڻ 28 مئي وارن جي حوالي ٿي رهيو آهي، 9 مئي وارن تي آرٽيڪل 6 لڳڻ گهرجي

9 مئي تي پوري ملڪ جو ساڙڻ جو چيو ويو، پوءِ چيو ويو ته ڪارڪن اهو ڪيو، هاڻ ڪارڪن پوڳي رهيا آهن، اها ڀرانهن کي تڏهن ملي جڏهن 9 مئي جي دهشتگردن کي گڏ ٿو سي يو چيو ويو

مسلم ليگ (ن) چونڊن جي لاءِ تيار آهي، (ن) ليگ کي اليڪشن ڪميشن جي هدايت موجب 8 فيبروري تي فيصلو گهرجي، فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي

اسان اسيمبلين جي ٻاهران ڊرامو ڪرڻ وارا نه آهيون، سينيٽ جي قرارداد جي اڳيان پنيان ڪير به هجي چونڊ شيڊول تي عمل ٿيندو، نواز ليگ جي جلسن جو اينڊڙ هفتي شيڊول طئي ٿيندو

لاهور (م ن) مسلم ليگ (ن) جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته سينيٽ جي قرارداد جي اڳيان پنيان ڪير به هجي پر ان سان چونڊ عمل متاثر نه ٿيندو، مخالف پارٽيون روئين يا دانهون ڪن چونڊون 8 فيبروري تي ٿيندون، لاهور ۾ صحافين سان گڏالهيون ڪندي مريم اورنگزيب چيو ته سينيٽ ۾ ڪالهه جيڪا قرارداد منظور ٿي ان جي صرف (ن) ليگ طرفان مخالفت ڪئي وئي، پي ٽي آءِ سينيٽ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

پيپلز پارٽيءَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صدارتي ريفرنس جو لڪت ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

پيپلز پارٽيءَ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صدارتي ريفرنس جو لڪت ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو، بلاول ڀٽو زرداري طرفان وڪيل فاروق ايچ نائيڪ سپريم ڪورٽ ۾ جواب جمع ڪرايو لڪت ۾ جمع ڪرايل جواب ۾ آڳرئي چيف جسٽس تسير حسن شاهه جي انٽرويو جا تفصيل به شامل، چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي /بقايا پوهو 2 نمبر 02

ٺهراءُ ڪير به پاس ڪري پر چونڊون وقت تي ٿينديون: بلاول

اليڪشن ۾ اسان جو 10 نقاطي ايجنڊا اسان جو منشور آهي، اليڪشن ڪميشن 8 فيبروري تي چونڊن جو شيڊول جاري ڪري ڇڏيو آهي، اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊون ٿين

لاهور ۾ ڪم ڪرڻ جي ايتري ضرورت آهي جيتري باقي پاڪستان ۾ ناهي، ڏيکاريو پيو وڃي ته لاهور ۾ ڪير ۽ ماڪي جون نديون وهن ٿيون

چيو وڃي ٿو ته جيڪي هتي 30 سالن کان اقتدار ۾ رهيا آهن انهن جا روڊ سون جا ناهيا آهن، مان هتي روڊن تي هليو آيو آهيان، هتي تمام گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

لاهور مان اليڪشن وڙهڻ جو مقصد اهو آهي ته پيپلز پارٽي لاهور کي پنهنجو سمجهي، هن اليڪشن ۾ چونڊ وڙهنداسين، مان پنهنجي سياسي سفر جي شروعات لاهور کان ڪري رهيو آهيان

شهباز شريف پنهنجو ڪم لاهور ۾ ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته اسان ڪيس اين ايف سي ايوارڊ ذريعي بااختيار بڻايو، گذريل ٽن صوبائي حڪومتن پنجاب جي عوام کي حق نه ڏنا

لاهور (م ن) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته سينيٽ گڏيل قومن ۽ او آءِ سي جي ٺهراءُ کي منظور چو نه ڪيو، چونڊون 8 فيبروري تي ٿيڻيون، 2013ع جي چونڊن ۾ ان کان به وڌيڪ اميدوار نااهل ٿيا هئا، هن جيو ته ماضي ۾ جنرل ضياءَ ۽ جنرل حميد گل سياسي پارٽيون ڪي پنجاب تي مسلط ڪيو، لاهور ۾ ميڊيا سان گڏالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري جيو ته /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مقامي جرڻ ۾ ٽيل تقريب کي خطاب ڪندي

طيبه گل محتسب وٽ بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو، جاويد اقبال سميت پيا طلب

جاويد اقبال بليڪ ميل ڪيو، غيراخلاقي ڪم نه ڪرڻ تي ڪيس نه ٻڌڻ جي ڌمڪي ڏني

نيب آفيسر عمران ڊوگر ٻين نيب آفيسرن سان گڏجي اجتماعي زيادتي ڪئي ۽ ويڊيو پڻ ٺاهي

منهنجي مڙس کي چُپ رهڻ لاءِ چيو ويو، ٻي صورت ۾ ويڊيو وائرل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون

اسلام آباد (م ن) جنسي هراسائي جو شڪار طيبه گل عورت محتسب کي بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو طيبه گل 2022ع ۾ آڳوئي چيئرمين نيب جاويد اقبال ۽ ٻين خلاف درخواست داخل ڪئي هئي عورت تحفظ محتسب جي چيئرپرسن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: آڳوئي صدر آصف علي زرداري سان آڳوئو وفاقي وزير حامد ڪاظمي ملاقات ڪندي

سنڌ ۾ ٽڊ جي لهر: تعليم ڪاتي اسڪولن جا وقت تبديل ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ ۾ ٽڊ جي لهر روڪڻ ڪانپوءِ تعليم ڪاتي صوبي ۾ سيني سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ تدريسي وقت تبديل ڪري ڇڏيا، سنڌ جي تعليم ڪاتي ٽڊ ۾ واڌ سبب شاگردن جي سهولت لاءِ اهم فيصلو ڪري ورتو ۽ سڄي صوبي جي سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ تدريسي وقت تبديل ڪري ڇڏيا آهن ٿئين شيڊيول /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

عام چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ لاءِ سينيٽ ۾ ٺهراءُ جمع

مقرر وقت تي چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن ۽ نگران حڪومت جي ذميواري آهي: ٺهراءُ

اليڪشن بابت سپريم ڪورٽ جو فيصلو اچي چڪو آهي ۽ اٺ فيبروري تي ملڪ ۾ عام چونڊن جي تاريخ مقرر ٿي چڪي آهي

سينيٽ مان چونڊون ملتوي ڪرائڻ جا ٺهراءَ منظور ڪرايا ويا، ٺهراءُ غير آئيني ۽ غير جمهوري آهي: سينيٽر مشتاق

اسلام آباد (م ن) ملڪ ۾ عام چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ لاءِ سينيٽ ۾ ٺهراءُ جمع ڪرايو ويو آهي جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد ٺهراءُ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو جنهن ۾ چيو ويو آهي ته چونڊون ڪرائڻ آئيني گهرج /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

قوم اليڪشن جو بي صبري سان انتظار ڪري رهي آهي: نثار کهڙو

عوام کي اليڪشن کان پري رکڻ غيرآئيني آهي، جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

دهشتگردي، زلزلا ۽ ٻوڏ باوجود چونڊون ٿيون آهن، جيڪا صورتحال پيدا ڪئي پئي وڃي، ان تي افسوس جو اظهار ڪريون ٿا

سينيٽ ۾ ويٽل 12 ماڻهن عوام سان مذاق ڪيو، اليڪشن معطل نه ٿيندي: رضوان هارون ۽ ايڊووڪيٽ انيس احمد سان گڏ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته قوم اليڪشن جو بي صبري سان انتظار پئي ڪري، عوام کي اليڪشن کان پري رکڻ غيرآئيني آهي، جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڪراچي ۾ رضوان هارون ۽ ايڊووڪيٽ انيس احمد سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙو چيو ته سينيٽ ۾ ڪالهه جيڪا قرارداد منظور ٿي ان جي صرف (ن) ليگ طرفان مخالفت ڪئي وئي، پي ٽي آءِ سينيٽ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

فري لانسرز جو وڏو مطالبو پورو، حڪومت پي پال سان اهم معاهدو ڪري ورتو

اسلام آباد (م ن) پاڪستان حڪومت ۽ عالمي سطح تي رقم جي منتقلي ۽ سڄي دنيا ۾ آن لائن ادائيگين جي نظام کي هلائيندڙ ڪمپني پي پال وچ ۾ اهم معاهدو ٿي ويو معاهدي تحت ملڪ ۾ ٽائي جي پهچ کي ممڪن بڻائڻ لاءِ ٽين ڌر ذريعي پي پال سان چينلائز ڪيو ويندو، پي پال سڄي دنيا ۾ آن لائن ادائيگين جو نظام /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

سپريم ڪورٽ حڪومت کان ڪنهن کي به گهر نه ڪرڻ جي خاطري گهري ورتي

عدالت گرٽيل ماڻهن ۽ جبري گمشدگين بابت ڪيس جو لڪت حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو

سپريم ڪورٽ باوچن جي پرامن احتجاج تي پوليس جي ٻُري ورتاءَ کان به روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (م ن) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان گم ٿيل ماڻهن ۽ جبري گمشدگين بابت ڪيس جو لڪت حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وفاقي حڪومت کان ڪنهن کي به گهر نه ڪرڻ جي خاطري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

سي ٽي ڊي جو پنجاب ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، 7 دهشتگرد گرفتار

ڪارروائيون لاهور، قصور، سرگوڌا، بهاولپور ۽ بهاولنگر ۾ ڪيون ويون

لاهور مان ڪالعدم ٽي ٽي پي جا 3 اهم ڪارڪن گرفتار ٿيا

لاهور (م ن) دهشتگردي توڙ ڪاتي (سي ٽي ڊي) انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي 7 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ ڪالعدم ٽي ٽي پي جا 3 اهم ڪارڪن به شامل آهن سي ٽي ڊي پنجاب جي مختلف شهرن ۾ 59 آپريشنز ڪيا، ترجمان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

سينيٽ ۾ چونڊون التوا واري ٺهراءُ پاس ٿيڻ جي ڪا به قانوني حيثيت نه آهي: بيرسٽر گوهر

آئين ۽ سپريم ڪورٽ موجب مقرر وقت ۾ چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي، استدعا آهي ته صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن

سپريم ڪورٽ ته ايستائين چئي چڪي آهي ته چونڊون 8 فيبروري تي ڪرائڻ پٿر تي لڪير آهي

سپريم ڪورٽ کان استدعا آهي ته بيٺ جي نشان بابت درخواست تي سومر تائين فيصلو ٿي وڃي، جيڪو فيصلو هوندو قبول هوندو

اسلام آباد (م ن) تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته 14 سينيٽرز جي موجودگي ۾ سينيٽ ۾ چونڊون التوا واري ٺهراءَ پاس ٿيڻ جي ڪا به قانوني حيثيت نه آهي ايوالا جيل ٻاهران صحافين سان گڏالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر چيو ته آئين ۽ سپريم ڪورٽ موجب مقرر وقت تي چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي سپريم ڪورٽ کان استدعا آهي ته صاف ۽ شفاف /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

ڪوئٽا جي ان جي پرپاسي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، شدت 4.6 رڪارڊ ڪئي وئي

ڪوئٽا (م ن) ڪوئٽا جي ان جي پرپاسي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، زلزلو ماپيندڙ مرڪز موجب زلزلي جا لوڏا 11 لڳي 9 منٽن تي محسوس ڪيا ويا، جن جي شدت 4.6 رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته زلزلي جو مرڪز 98 ڪلو ميٽر زمين هيٺ ڪوه هندوڪش افغانستان هو زلزلي جا لوڏا محسوس ٿيڻ تي ماڻهن ۾ خوف هراس /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 29

سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي منظوري خلاف سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل

اسلام آباد (م ن) سينيٽ ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءَ منظور ڪرڻ خلاف سپريم ڪورٽ ۾ آئيني درخواست داخل ڪئي وئي آهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ صدر پرويز الاهي جي طبيعت خراب، اسپتال منتقل

سندس مڪمل طبي معائنو آر آءِ سي ۾ ڪرايو ويندو: جيل ذريعا

هاڻي سندس ڪجهه وڌيڪ ٽيسٽون ڪرايون ويندون

راولپنڈي (م ن) تحريڪ انصاف جي صدر ۽ پنجاب جي آڳوئي وڏي وزير پرويز الاهي جي طبيعت خراب ٿيڻ سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04

اسد قيصر، تيمور جهڪڙا سميت ڪيترن ٽي پي ٽي آءِ اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور

راولپنڈي ۾ اليڪشن ٽريبيونل تڪ پي پي 23 چڪوال تان فوزيه بهرام جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا

پشاور ۾ اليڪشن ٽريبيونلز پي ٽي آءِ جي تيمور سليم جهڪڙا، آڳوئي اسپيڪر اسد قيصر جون اپيلون منظور ڪيون

اليڪشن ٽريبيونل پي ٽي آءِ جي سبحان ساحل، امجد آفريدي، حسنين چوهاڻ ۽ مخدوم فضل جون اپيلون منظور ڪري ورتيون

اسلام آباد (م ن) اليڪشن ٽريبيونلز پي ٽي آءِ آڳواڻ اسد قيصر ۽ تيمور جهڪڙا سميت ڪيترن ٽي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا آهن هاءِ ڪورٽ جي اليڪشن ٽريبيونلز ۾ ريٽرننگ آفيسرز طرفان نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف اميدوارن جي اپيلن تي ٻڌڻي جاري آهي اپيلن جي فيصلن ۾ 4 ڏينهن اجان باقي آهن 10 جنوري تي سمورا فيصلا ٻڌايا ويندا. راولپنڈي ۾ اليڪشن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 31

دي اڪنامسٽ ۾ عمران خان مضمون نه لکيو پر اهو گهوسٽ آرٽيڪل آهي: مرتضيٰ سولنگي

گهوسٽ مضمون ۾ پاڪستاني ادارن خلاف بي بنياد پروپئگنڊا ڪئي وئي آهي: اطلاعات بابت نگران وزير جون ٽويٽرن ۾ ڳالهيون

اها دي اڪنامسٽ کي لکي رهيا آهيون ته توهان بنا تحقيق جي گهوسٽ مضمون ڇاپي ڇڏيو، اسان جي اطلاعن موجب اهو مضمون عمران خان نه لکيو

نگران حڪومت 9 مئي سانحي جي جاچ لاءِ ڪابينا ڪميٽي جوڙي آهي، اسان انفرادي ڪيسن ڏانهن نه ويندا سين پر جاچ جي روشني ۾ پنهنجي فائنڊنگز ڏيندا سين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته دي اڪنامسٽ ۾ عمران خان مضمون نه لکيو پر اهو گهوسٽ آرٽيڪل آهي، جنهن بابت دي اڪنامسٽ کان جواب طلب ڪندا سين نجي ٽي وي چئنل /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 33

مرتضيٰ سولنگي

گهوسٽ آرٽيڪل ٿي دي اڪنامسٽ کان جواب طلب ڪندا سين: مرتضيٰ سولنگي

گهوسٽ مضمون ۾ پاڪستاني ادارن خلاف بي بنياد پروپئگنڊا ڪئي وئي آهي

دي اڪنامسٽ کي لکي رهيا آهيون ته توهان بنا تحقيق جي گهوسٽ مضمون ڇاپي ڇڏيو

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته دي اڪنامسٽ ۾ عمران خان مضمون نه لکيو پر اهو گهوسٽ آرٽيڪل /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

9 مئي سانحي بابت ڪابينا ڪميٽي قائم، قانون وارو وزير سربراهه مقرر

ڪميٽي جي صدارت نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم ڪندو، ڪميٽي 14 ڏينهن ۾ رپورٽ پيش ڪندي

ڪميٽي 9 مئي 2023ع جي واقعن جو جائزو وٺندي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام سميت سفارشون پيش ڪندي

ڪابينا ڪميٽي 9 مئي جي واقعن جي ماسٽر مائينڊن، پلانرز، سهولتڪارن ۽ عمل ڪندڙن جو پتو لڳائيندي

اسلام آباد (م ن) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي هدايت تي 9 مئي سانحي بابت ڪابينا ڪميٽي قائم ڪئي وئي ڪابينا ڊويزن ڪندو ٽوٽيفڪيشن موجب ڪابينا ڪميٽي جوڙڻ جو ٽوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي ڪابينا ڪميٽي جي صدارت نگران وفاقي وزير احمد عرفان اسلم ڪندا، ڪميٽي 14 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي پابند هوندي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

نگران حڪومت عوام کي صحت ڪارڊ ڏيڻ تي ڪم ڪري رهي آهي: عمر سومرو

آءِ صحت وارو وزير گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيون، چاهيون ٿا ته ٻين صوبن وانگر سنڌ جي عوام کي به صحت ڪارڊ ملن

عوام پنهنجي مسئلن تي چونڊيل نمائندن کان سوال ڪن ۽ انهن کان پڇا ڳاڇا ڪن، اسان وٽ اختيار محدود آهن

مان ٽي مهينا پهريان ئي چيو هو ته ڪشمور ۽ شڪارپور ۾ پوليس کي نفري ۽ هٿيارن جي ضرورت آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) مليربار ايسوسي ايشن جي طرفان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مهمان خاص طور تي ڪانون واري نگران صوبائي وزير عمر سومرو شرڪت ڪئي ڪانون واري صوبائي وزير عمر سومرو سنڌ حڪومت پاران 75 لکن جو امدادي چيڪ مليربار ايسوسي ايشن جي حوالي ڪيو ان موقعي تي ڪانون واري صوبائي وزير عمر سومرو مليربار تقريب ۽ ميڊيا سان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

فرح گوگي، شهزاد اڪبر، ملڪ رياض، زلفي بخاري سميت 6 جوابدار اشتهاري ڏوهاري قرار

جوابدارن کي اشتهاري ڏيڻ جي ڪارروائي هڪ مهينو اڳ شروع ڪئي وئي هئي ۽ وارنٽ جاري ڪيا ويا

جوابدار ملڪ رياض حاضري کان ڇوٽ ۽ ويڊيو لنڪ ذريعي حاضري بابت 2 تار تار درخواستون به داخل ڪيون

جوابدار طرفان داخل ڪيل ٻنهي درخواستن کي رد ڪيو ويو، عدالت طرفان سڀني جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏنو ويو

اسلام آباد (م ن) اسلام آباد جي احتساب عدالت 190 ملين پائونڊز جي القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ پراپرٽي ٽائيڪون ملڪ رياض، فرح گوگي، شهزاد اڪبر ۽ زلفي بخاري سميت شريڪ 6 جوابدارن کي اشتهاري ڏوهاري قرار ڏئي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب جوابدارن کي اشتهاري ڏيڻ جي ڪارروائي هڪ مهينو اڳ شروع ڪئي وئي هئي جنهن ۾ انهن جا گرفتاري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

لاڙڪانو: پ پ آڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري ميڊيڪل ڪئمپ تي آيل عورتن سان ملاقات ڪندي

ڪوئٽه ۾ زلزلي جا لوڏا، ماڻهن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو

ريڪٽر اسڪيل تي زلزلي جي شدت 4.6 رڪارڊ ڪئي وئي

زلزلي جا لوڏا محسوس ٿيڻ تي ماڻهن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو

ڪوئٽه (م ن) ڪوئٽه ۽ پرپاسي ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا جنهن کان پوءِ ماڻهن ۾ خوف هراس پکڙجي ويو آهي. زلزلي جي پيما مرڪز موجب /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

پي ايچ ايف جو نئون صدر مقرر ڪرڻ تي وزيراعظم کي نوٽيس جاري

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ برطرف صدر خالد سجاد جي درخواست تي نوٽيس جاري ڪيو

وزيراعظم کي پاڪستاني هاڪي فيڊريشن جي پيٽرن ان چيف طور نوٽيس جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (م ن) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاڪستان هاڪي فيڊريشن جو نئون قدر مقرر ڪرڻ تي وزيراعظم کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

بنگلاديش ۾ اڄ چونڊون ٿينديون، حسينه کي اڪثريت جا امڪان

مخالف پارٽين بنگلاديش ۾ ٿيندڙ عام چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو

ڍاڪا (م ن) بنگلاديش ۾ عام چونڊون آجرتي ٿينديون، جنهن ۾ هڪ پيرو ٻيهر آڳوئي وزيراعظم حسينه واجد کي اڪثريت ملڻ جو امڪان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

فواد چوڌري جا نامزدگي ڪاغذ ٻيهر رد، گهرواري به نااهل قرار

اليڪشن ٽريبيونل ۾ حبا چوڌري جي 3 پرڏيهين دورن ۽ 9 بينڪ اڪائونٽس جا تفصيل پيش

فواد چوڌري جي اين اي 60 ۽ 61 تان نامزدگي ڪاغذ واپس وٺڻ جو حڪمنامو به واپس ورتو ويو

فواد چوڌري نامزدگي ڪاغذن ۾ پنهنجي گهرواري جا بينڪ اڪائونٽس، اثاثا ۽ پرڏيهي دورا لڪايا

راولپنڈي (م ن) فواد چوڌري جي نامزدگي ڪاغذن جي منظوري جو حڪم واپس وٺڻ سان گڏوگڏ سندس گهرواري کي به چونڊن جي لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي. اليڪشن ٽريبيونل فواد چوڌري جي گهرواري جي 3 پرڏيهين دورن ۽ 9 بينڪ اڪائونٽس سامهون اڄڻ کان پوءِ حبا چوڌري جي خلاف اعتراض کي صحيح قرار ڏيندي ڪيس جهلڻ جي صوبائي تڪ تان چونڊن جي لاءِ نااهل قرار /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

غيرقانوني پرڏيهين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ جاري ڪيل 4 ارب رپيا گم

نگران حڪومت غيرقانوني پرڏيهين کي ڊي پورٽ ڪرڻ لاءِ 4 ارب رپيا گهريا جنهن تي ناٿي ڪاتي 4 ارب رپيا جاري ڪيا

ڪراچي ۾ هڪ لک 28 هزار غيرقانوني پرڏيهين جي نشاندهي پر رڳو هڪ هزار 115 ۽ حيدرآباد مان رڳو 11 پرڏيهين کي ڪڍيو ويو

سنڌ جي 4 ڊويزنن مان هڪ به غيرقانوني پرڏيهي ناهي ڪڍيو ويو، سنڌ ۾ غيرقانوني پرڏيهين خلاف آپريشن عملي طور تي بند

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ غيرقانوني پرڏيهين کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ جاري ڪيل 4 ارب رپيا گم ٿي ويا آهن ذريعن موجب ڊي سي ڪيماڙي، ڊي سي جيڪب آباد ۽ اتان بلوچستان روانگي لاءِ ڏنل رقم ڪڍي خرچ ٿي، ان جو ڪو پتو ناهي نگران حڪومت غيرقانوني پرڏيهين کي ڊي پورٽ ڪرڻ لاءِ 4 ارب رپيا گهريا جنهن تي ناٿي ڪاتي 4 ارب رپيا جاري ڪيا هئا. هڻي پاسي گهرو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

آسٽريليا پاڪستان کي شڪست ڏئي وائٽ واش ڪري ڇڏيو

پاڪستان آسٽريليا کي ڪٽڻ جي لاءِ 130 رنسن جو حدف ڏنو

چوٿين ڏينهن پاڪستان جي سموري ٽيم 115 رنسون ڏاهي آئوٽ ٿي وئي

سڊني (م ن) پاڪستان آسٽريليا کي سڊني ٽيسٽ ڪٽڻ جي لاءِ 130 رنسن جو حدف ڏنو جيڪو آسٽريليا بن وڪيٽن جي نقصان تي پورو ڪري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

مُرڪ جان پيرزادو ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي ضمانت بابت فيصلو محفوظ

جوابدار جاڻايل سيف جتوئي، شفيق جتوئي ۽ ٻيا عدالت ۾ پيش، وڪيلن جا دليل مڪمل

مرڪ جان جو لاش جنهن حالت ۾ هٿ آيو، ان مان نه ٽرلڳي ته هن آپگهات ڪيو: وڪيل

ڪراچي (م ن) مُرڪ جان پيرزادو ڪيس ۾ نامزد جوابدارن جي ضمانت بابت فيصلو محفوظ، حيدرآباد جي ماڊل ٽرائل ڪورٽ جوابدار سيف جتوئي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: پي ٽي آءِ ٻاڻي آڳواڻ نجيب هارون ايم ڪيو ايم آڳواڻ خالد مقبول سان ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ جي مقبول ترانڊي جو خالق عاصر "تنها" خانداني جهيڙي ۾ قتل

جهيڙي دوران سميع الله ڪيس قتل ڪيو، پلاند ۾ شاعر جي ڀاءُ قاتل کي ماري ڇڏيو

پڪر (م ن) تحريڪ انصاف لاءِ مقبول ترانو "هم ڪوئي غلام تو نهين" لکندڙ ماجد خان المعروف عاصر تنها ذاتي جهيڙي ۾ مارجي ويو پڪر ضلعي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول کي تبديل ڪري: سينيٽ مان منظور ٿيل ٺهراءَ جو نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (م ن) 8 فيبروري تي ٿيل چونڊن ملتوي ڪرڻ بابت سينيٽ مان منظور ٿيل ٺهراءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اليڪشن ڪميشن کي چونڊ شيڊول فوري طور تي تبديل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سينيٽ مان منظور ٿيل ٺهراءَ جي ڪاپي صدر عارف علوي، نگران وزيراعظم، اليڪشن ڪميشن، /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

بسن جي نئين ڪيپ ڪراچي پهچي وئي آهي: شرحيل انعام ميمڻ

ڪراچي واسي سستي ۽ شاندار ٽرانسپورٽ سروس مان فائدو وٺندا

نيون بسون عوام جي سهولت لاءِ ڪجهه ڏينهن ۾ روڊن تي هونديون: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) پ پ آڳواڻ شرحيل انعام ميمڻ ڪراچي واسين کي خوشخبري ٻڌائي چڏي، پ پ آڳواڻ شرحيل انعام ميمڻ چوي ٿو بسن جي ٽئين ڪيپ ڪراچي پهچي وئي آهي، اهي بسون پ پ جي سنڌ حڪومت خريد ڪيون هيون اهي پيپلز بس سروس جي ٻئي مرحلي جون بسون آهن، ڪراچي واسي سستي ۽ شاندار ٽرانسپورٽ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

سول جج کي تربيت ڏني وڃي ته اعليٰ عدالتن تي دباءُ گهٽ ٿيندو، درخواستگذارن جو پهريون رابطو سول جج سان هوندو آهي

ٽيلي ڪاسٽ سان انصاف جي نظام ۾ وڌيڪ شفافيت ايندي، فضول مقدمن کي روڪڻ لاءِ ليول پلئنگ فيلڊ تي ڪم ڪرڻو پوندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ ٽيڪنالاجي استعمال ٿي رهي آهي لائيو ٽيلي ڪاسٽ سان ماڻهن کي يقين ڏياريو وڃي ٿو ته انصاف ٿي رهيو آهي. فيڊرل جيڊيشل اڪيڊمي جي ايڪيميس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي قاضي فيض عيسيٰ چيو ته هو اڪيڊمي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڏسي مطمئن آهي ڪيسن جي لائيو ٽيلي سامعين کي سڪڻ جو موقعو ڏئي ٿي چيف جسٽس جو چوڻ آهي ته سول جج کي تربيت ڏني وڃي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

ڀٽي سڌي ريت عوام کي ڏيکارڻ سان انهن جو عدليه تي اعتماد وڌندو: چيف جسٽس

سپريم ڪورٽ ۾ ٽيڪنالاجي استعمال ٿي رهي آهي، لائيو ٽيلي ڪاسٽ سان ماڻهن کي يقين ڏياريو وڃي ٿو ته انصاف ٿي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ٽڊ جي لهر، تعليمي ادارن جي وقت تبديل ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ ٽڊ جي لهر روڪڻ ڪانپوءِ تعليمي ڪاتي صوبي ۾ سيني سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ تدريسي وقت تبديل ڪري ڇڏيا، سنڌ جي تعليمي ڪاتي ٽڊ ۾ واڌ سبب شاگردن جي سهولت لاءِ اهم فيصلو ڪري ورتو ۽ سڄي صوبي جي سرڪاري ۽ نجي اسڪولن ۾ تدريسي وقت تبديل ڪري ڇڏيا آهن ٿئين شيڊيول /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

مورو پرسان ڳوٺ نور محمد خاصخيلي جي رهواسين پاران احتجاج

پوليس چڙهائي ڪري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري معصوم ٻارڙن عورتن تي تشدد ڪيو : ڳوٺاڻا

پوليس نوجوانن کي ڪنيي ڪٽي گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهرن مان 3 موٽرسائيڪلون، 8 ٻڪريون کاهي وئي

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪنيي گم ڪيل نوجوانن کي آزاد ڪرائي ڪنيل سامان واپس ڪرايو وڃي

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو پرسان ڳوٺ نور محمد خاصخيلي جي رهواسين افضل خاصخيلي ۽ عبداللطيف خاصخيلي احتجاج ڪندي چيو آهي تہ اسان جي ڳوٺ تي مختلف ڌاڻن جي پوليس چڙهائي ڪري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري معصوم ٻارڙن عورتن تي تشدد ڪري ٻن نوجوانن کي ڪنيي ڪٽي گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهرن مان 3 موٽرسائيڪلون، 8 ٻڪريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96هين سالگرهہ تقريب

احمد خان جمالي صدر پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي فيروز جي صدارت هيٺ ڪاڪيو ويو، اڳواڻن جي شرڪت

ڊويزنل جنرل سيڪريٽري ثابق ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو، ثابق ايم اين اي سيد ابرار علي شاهہ ۽ ٻيا موجود هئا

اصغر وسير محمد نوح پنهور سميت معزز شخصيتن، پارٽي جي مقامي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ شريڪ

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني شهيد قائد عوام ۽ ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاڻين ۽ ٽعرن جي گونج سان چانڊيا هائوس ٽوشهرو فيروز ۾ فيروز احمد خان جمالي صدر پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع ٽوشهرو فيروز جي صدارت هيٺ ڪاڪيوويو، ان موقعي تي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري ثابق ايم پي اي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽوشهروفيروز ۾ اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96هين سالگرهہ تقريب جو ڏيک

بدين ۾ اليڪشن جون جون تياريون: سڪيورٽي جي انتظامن بابت جائزو ورتو ويو

بدين: پولنگ واري ٻنهن ڪئمپن کي ماحول خراب ڪرڻ جي اجازت نہ ڏبي، اليڪشن کي هلائڻ لاءِ اليڪشن ڪمشنر جي هدايتن موجب ڪيون انتظامي تياريون، آئي جي سنڌ جيلوآباد طارق ڌاريجو

جيلوآباد ڊويزن جي ڪجهہ ضلعن ۾ ڪنڊڪٽ ٿيندڙ مقابلن ۾ بدين ۾ سنڌيان جو ڪاروبار ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي لاءِ جو خاص ضروري آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊي آئي جي حيدرآباد. ريجن طارق ڌاريجو ايس ايس پي. آفيس بدين پهچي ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي چيو آهي تہ ملڪ ۾ ٿيندڙ جنرل اليڪشن جي حوالي سان پولنگ واري ڏينهن پرامن طريقي سان ووٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين ۾ اليڪشن جون جون تياريون: سڪيورٽي جي انتظامن بابت جائزو ورتو ويو

ڪڍڻ ۾ ڪافي وقت جي ماڻار بعد هڪ دفعو ٻيهر بدامني پيدا ٿيڻ لڳي

دوڪان مان ڪي نامعلوم چور شٽر ٽوڙي موبائيلون ۽ روڪ رقم ٻهاري ويا

اطلاع تي پوليس پاران شڪ جي بنياد تي ڪجهہ اوباش گرفتار ڪيا ويا

ڪڍڻ(رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ شهر ۾ ڪافي وقت جي ماڻار بعد هڪ دفعو ٻيهر بدامني پيدا ٿيڻ لڳي شهر جي مين چوڪ تان موبائيلن جي دوڪان مان ڪي نامعلوم چور شٽر ٽوڙي موبائيلون ۽ روڪ رقم ٻهاري ويا شڪ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ضلعي ڪشمور ۾ امن امان جي صورتحال ۾ بهتري نہ ٿي سگهي، قرون معمول بڻيل

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) ضلعي ڪشمور ۾ امن امان جي صورتحال ۾ بهتري نہ آئي عوام بدستور ڏوهارين جي ليپٽ ۾ ڪجهہ دير پهرين شهر جي مٿن آندس هاءِ وي پرسان تنگواڻي لنڪ روڊ تي ٻن موٽر سائيڪل تي سوار ٽن اڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پ پ سڄي سنڌ سميت ضلعي نوشهروفيروز اميدوارن نالا جاري ڪري ڇڏيا

چونڊن ۾ قومي تڪن تي اين اي 205 تي سيد ابرار علي شاهہ ۽ اين اي 206 ذوالفقار بيهڻ کي ٽڪيٽ جاري

پيپلزپارٽي 2024 ع جي چونڊن لاءِ سڄي سنڌ سميت صوبائي سيٽن تي اميدوارن جي لسٽ جاري ڪئي وئي

پي ايس 33 تي نوجوان اڳواڻ سيد حسن علي شاهہ کي ٽڪيٽ جاري ٿيڻ بعد ڪارڪنن ۽ جيالن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت 2024 چونڊن جي لاءِ سڄي سنڌ سميت ضلعي ٽوشهروفيروز اميدوارن جي نالا جاري ڪري ڇڏيا، پيپلزپارٽي 2024 ع جي چونڊن ۾ قومي تڪن تي اين اي 205 تي سيد ابرار علي شاهہ ۽ اين اي 206 ذوالفقار بيهڻ کي ٽڪيٽ جاري ٿيڻ بعد ڪارڪنن ۽ جيالن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏي ڇڏهن تہ پيپلزپارٽي 2024 ع جي چونڊن لاءِ سڄي سنڌ سميت ٽوشهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهارو ۾ مولانا مسعود الرحمان عثماني جي قتل خلاف علماءِ ايڪشن ڪميٽي پاران ڪانفرنس

ملڪ اندر مذهبي اڳواڻن کي ٽارگيٽ ڪري شهيد ڪرڻ جو سلسلو ڪافي وقت کان هلندڙ آهي : مولوي قاسم چانڊيو ۽ ٻيا

اسلام آباد ۾ مولانا مسعود الرحمان عثماني کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو ويو آهي، جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

معاملي جو نوٽيس وٺي مولانا مسعود الرحمان عثماني جا قاتل فوري طور گرفتار ڪري مذهبي اڳواڻن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

گهارو(رپورٽر بشار جوڪيو) اسلام آباد ۾ شهيد ٿيل مذهبي اڳواڻ مولانا مسعود الرحمان عثماني جي قتل خلاف علماءِ ايڪشن ڪميٽي گهارو پاران پريس ڪانفرنس ڪئي وئي، علماءِ ايڪشن ڪميٽي گهارو جي اڳواڻن ۽ مختلف مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن پاران مولوي قاسم چانڊيو، مولانا داؤد اعوان، مولانا عبدالرحمان، مولانا سلمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گهاري ۾ پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏٺي ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96هين سالگرهہ تقريب

ٽٺو(رپورٽر)پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي ٽٺي پاران قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96هين سالگرهہ تقريب ٽٺي شهر ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ پ پ ضلعي ٽٺي جي صدر صادق علي ميمڻ، اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو، اڳوڻي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهہ شيرازي، ضلعي جنرل سيڪريٽري امتياز ڌريشي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گهارو ۾ مولانا مسعود الرحمان عثماني جي قتل خلاف علماءِ ايڪشن ڪميٽي پاران ڪانفرنس جو ڏيک

نوشهروفيروز ۾ صحافي ضمير لنڊ ۽ ماجد ڳرمٿان ڪيس داخل، احتجاج جاري

ايس ايچ او عبدالخالق شاهہ سچيون خبرون هلائڻ تي مڃرجي پيو ۽ نيشنل پريس ڪلب جي صحافين مٿان ڪيس داخل ڪيو

ايس ايچ او هٿ سان چوريون ڪرائي شهرين کي ڦرائي پيو اهي خبرون هلائڻ تي پوليس صحافين کان انتقام پئي وٺي : مظاهرين

فورن نوٽيس وٺي ايس ايچ او عبدالخالق شاهہ کي هٽائي صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري ٻئي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) ٽوشهرو فيروز جي ڪريٽ ايس ايچ او خالق شاهہ چوري جي هڪ جڙتو ڪيس ۾ صحافي ضمير لنڊ ۽ ماجد ڳرمٿان ۽ بوگس اف آءِ آر درج ڪئي وئي آهي ، سنڌ صحافي اتحاد جواڻ 5 ڏينهن بہ احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ملهائڻ جو فيصلو

ڳهوڙاٻاري (رپورٽ) سنڌ ڪلچرل فورم پاران حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ملهائڻ جو فيصلو ،ڏهہ جنوريءَ کان 15 جنوريءَ تائين سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ سالگرهہ تقريبون منعقد ڪيون ويندون، تفصيل موجب سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو پڌرو ڪيو آهي تہ سنڌ ڪلچرل فورم پنهنجي روايتن کي برقرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽوشهروفيروز ۾ صحافي ضمير لنڊ ۽ ماجد ڳرمٿان ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو ڳي

نوشهروفيروز ۾ بهلائي جي رهواسين پاران احتجاج، انصاف جي گهر

ساجد علي سهتو پيرسن حسنا پنهنجي ڌيءَ سيما سهتو سان گڏ بااثرن خلاف احتجاج ڪيو

رشيد سهتو، ولي محمد سهتو، نديم سهتو ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

اسان کي جاني مالي نقصان جو خطرو آهي آهي ۽ اسان کي ڪجهہ بہ ٿيو تہ ان جا ذميوار اهي سمورا بااثر هوندا

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي)بهلائي جا رهواسي ساجد علي سهتو پيرسن حسنا پنهنجي ڌيءَ سيما سهتو سان ٽيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا اڳيان ڌانهيون تہ منير سهتو،ذوهيب سهتو، رشيد سهتو ولي محمد سهتو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٻاهو ڪوسو پيرسان ارڙي بيماري، وڏي وي صحت ڪاتو اگورو ٽنڊ ستل

ٻاهوڪوسو(رپورٽر) ٻاهو ڪوسو پرسان ارڙي بيماري، وڏي وي صحت ڪاتو اگورو ٽنڊ ستل، گڏريل ٽين ڏينهن اندر ٽي پارڙا فوت تفصيل موجب ڳوٺ حاجي فيض محمد ڪوسو جي ڳوٺ جا رهواسي 6 سالا عبدالفحيد ولد مهراب ڪوسو چار سالا سميرا ڌي سهراب ڪوسو جهن منهين جو ڪلهوم ڌي اشفاق ڪوسو فوت جڏهن تہ هڙ ٻارڙن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽوشهروفيروز: بهلائي جي رهواسين پاران احتجاج ڪيو ويو

سڪر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيا

احتجاجي تحريڪ بابت 13 جنوري تي سڪر پريس ڪلب ۾ سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن ۾ اعلان ڪيو ويندو : اڳواڻ

قاتلن جي 146 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿيڻ حڪومت ۽ پوليس کاتي جي ناڪامي آهي : مظاهرين

سڪر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نہ ٿيا سڪر ۾ سخت سردي باوجود احتجاج 146 ڏينهن بہ جاري رکي اصل قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي احتجاجي تحريڪ بابت 13 جنوري تي سڪر پريس ڪلب ۾ سنڌ جرنلسٽ ڪنونشن ۾ اعلان ڪيو ويندي سڪر يونين آف جرنلسٽس پاران سڪر جي شهيد صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مغل برادريءَ جون ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون ڪنهن کان ڳجهيون ناهن : ڊاڪٽر حفيظ مغل

اسان هميشہ اسلام ۽ تعمير وطن جي ڳالهہ ڪئي آهي، ملڪ ۾ خاص طور تي معاشي استحڪام، روزگار جي فراهمي لاءِ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو آهي

مغل برادري آئندا قومي چونڊن ۾ پريور حصو وٺندي ۽ بلدياتي چونڊ ۾ ڀڻ حصو وٺندي ان سلسلي ۾ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آنديون ويندين

عوامي خدمت پروگرام کي وسعت ڏيندا سين، مغل فائونڊيشن جا اڪابر عوامي خدمت واري مشن کي اڳتي وڌائن ۽ ڪنهن بہ قرباني کان نہ ڪيبائن

ٻاهو ڪوسو(رپورٽر) مغل فائونڊيشن جي بنديست سان جيڪب آباد جي مقامي شادي هال ۾ منعقده مغل ڪنونشن کي خطاب ڪندي مرڪزي صدر آل پاڪستان تنظيم مغليہ حاجي عبدالرئوف مغل ، اميدوار صوبائي اسمبلي ڊاڪٽر حفيظ مغل، ڊاڪٽر محمد آصف ايڊووڪيٽ ، مرزا شاهد صديق چيو آهي تہ مغل برادريءَ جون ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهارو ۾ ٽٽي ضلعي ۾ اميدوارن جي نامزدگي جي خوشي ۾ ريلي

وائيس چيئرمين ميربابو پنهور جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪن ريلي ڪڍي مٺايون ورهائي جشن ملهايو

حاجي علي حسن زرداري کي ٽڪيٽون جاري ڪري عوام جي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي : اڳواڻ

گهارو (رپورٽر بشار جوڪيو) پ پ جي اعليٰ قيادت پاران ٽٽي ضلعي ۾ اميدوارن جي نامزدگي جي خوشي ۾ گهارو ۾ ٽائون ڪميٽي گهارو جي وائيس چيئرمين ميربابو پنهور جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪن ريلي ڪڍي مٺايون ورهائي جشن ملهايو ريلي کي خطاب ڪندي ٽائون ڪميٽي گهارو جي وائيس چيئرمين ميربابو پنهور چيو تہ اسان پ پ پ قيادت جا بيحد شڪر گذار آهيون، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گهارو ۾ ٽٽي ضلعي ۾ اميدوارن جي نامزدگي جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

پ پ جي اعلي قيادت پاران بدين ضلعي جي ٻن قومي ۽ چار صوبائي تڪن تي اميدوارن جو اعلان

ٽڪ پي ايس 70 ٽنڊو باگو تڪ تي ٻاهرين ضلعي جي ماڻهو کي ٽڪيٽ ڏيڻ تان مقامي قيادت ۽ ڪارڪنن طرفان سخت مخالفت سبب اعلان نہ ڪري سگهي

ميرمنور ٽالپر ۽ ميرطارق سميت بدين جي ميربرادري پاران ارباب امان الله جي مخالفت ڪري ميرڪار کي ٽڪيٽ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن؛ ذريعا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پ پ جي اعلي قيادت پاران بدين ضلعي جي ٻن قومي ۽ چار صوبائي تڪن تي اميدوارن جو اعلان ڪيو آهي جڏهن تہ هڪ تڪ پي ايس 70 ٽنڊو باگو تڪ تي ٻاهرين ضلعي جي ماڻهو کي ٽڪيٽ ڏيڻ تان مقامي قيادت ۽ ڪارڪنن طرفان سخت مخالفت سبب اعلان نہ ڪري سگهي آهي ذريعن موجب ميرمنور ٽالپر ۽ ميرطارق سميت بدين جي ميرڪار برادري پاران ارباب امان الله جي مخالفت ڪري ميرڪار کي ٽڪيٽ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ميرڪار پ پ جي اميدوار ۽ اڳوڻي ايم اين اي ميرغلام علي ٽالپر جو سائي آهي پي ايس ستر ٽنڊو باگو تڪ پ پ جو ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ واري ڊوڙ ۾ ارباب امان الله ميرڪار ٽالپر پ پ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اسان هميشہ عوام جي وچ ۾ رهي ڪري عوامي خدمت جي سياست ڪئي آهي : ناصر حسين شاهہ

پيپلزپارٽي جي خلاف ماضي ۾ بہ اتحاد ٿيندا رهيا آهن جنهن سان اسان کي ڪو بہ فرق نٿو پوي

سڄي ملڪ مان واضح اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻجندو

پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي جيڪا عوام جي دلين تي راج ڪندي آهي

سڪر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ چيو آهي تہ اسان هميشہ عوام جي وچ ۾ رهي ڪري عوامي خدمت جي سياست ڪئي آهي، پيپلزپارٽي جي خلاف ماضي ۾ بہ اتحاد ٿيندا رهيا آهن جنهن سان اسان کي ڪو بہ فرق نٿو پوي، انشاءالله چونڊن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سڄي ملڪ مان واضح اڪثريت سان ڪاميابي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غلام الله پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ

ٽٽو(رپورٽر) ڪجهہ ڏينهن اڳ غلام الله لڳ پريسر ڪالوني روڊ تان ياسين سمون کان ڦريل سي ڊي موٽرسائيڪل غلام الله پوليس جي انچارجسب انسپيڪٽر علي خان راهوجو هٿ ڪري وري آهي انچارج پوليس پوسٽ غلام الله سب انسپيڪٽر علي خان راهوجو ڦر ٿيل موٽر سائيڪل مالڪ ياسين سمون جي حوالي ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڪر: ناصر حسين شاهہ صحافين سان ڳالهائيندي

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ گل محمد ڏاهري جي گهرمان ڏاڙو، انصاف جي گهر

جوابدار گهرپاتين کي يرغمال بڻائي ڪمري ۾ وڙي 25 تولا سون، ويهہ لک روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان ڦري ويا

ڏاڙي واقعي جي خبر پوڻ تي علائقي واسين جو وڏو انگ واقعي واري هنڌ پهچي ويو، متاثرن پاران واهر جي اپيل

ڦر ڪيل سون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي، اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي : متاثر

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو تاڻي جي حد مان ڳوٺ گل محمد ڏاهري مان چهہ هٿياربند هٿياري جي زور تي ساجد علي عرف پپو ڏاهري جي گهر ۾ گهڙي پاتين کي يرغمال بڻائي ڪمري ۾ وڙي 25 تولا سون، ويهہ لک روپيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

حيدرآباد:پاڪستان پيراميڊيڪل اسٽاف امر سوسائٽي 2076 ع پوسٽ ڪوليج حيدرآباد جي طرفان مرڪزي چيئرمين سماز علي جتوئي جي صلاحت ۾ ڊاڪٽر آفتاب قلي صاحب کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي وئي ويڙهي

گهوڙاٻاري: پ پ جي صوبائي اسمبلي جي اميدوار ميمبرن جي فائنل ٽڪيٽ لسٽون جاري

پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي پاران پ پ جي صوبائي اسمبلي جي اميدوار ميمبرن جي فائنل ٽڪيٽ لسٽون جاري ڪري ڇڏيون

ٽٽي ضلعي جي هڪ قومي ۽ 2 صوبائي سيٽن تي ٽڪيٽون اين اي 225 ٽٽو تي صادق علي ميمڻ اميدوار هوندا

پي ايس 75 ٽٽو تي سيد رياض حسين شاهہ شيرازي ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو تي حاجي علي حسن زرداري نامزد ڪيا ويا

گهوڙاٻاري(رپورٽر) 8 فيبروري تي ملڪ اندر قومي توڙي صوبائي سيٽن تي ٿيندڙ اليڪشن واري اعلان بعد پاڪستان پيپلز پارٽي پارٽي پاران پ پ جي صوبائي اسمبلي جي اميدوار ميمبرن جي فائنل ٽڪيٽ لسٽون جاري ڪري ڇڏيون آهن، جنهن تحت پاڪستان پيپلزپارٽي پاران ٽٽي ضلعي جي هڪ قومي ۽ 2 صوبائي سيٽن تي ٽڪيٽون اين اي 225 ٽٽو تي صادق علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏمڪين ملڻ باوجود منهنجي همت ۾ اضافو ٿيو آهي : امر رباب چانڊيو

امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ٿي

سردار احمد چانڊيو، نواب برهان خان چانڊيو، اڳوڻو ايس ايچ او ڪريم بخش چانڊيو ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا

6 سالن کان پنهنجي والد، چاچي ۽ ڏاڏي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سزا ڏيارڻ لاءِ عدالت ۾ اچي رهي آهيان : ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرپاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دادو ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ٿي، ڪيس جي ٻڌڻي دوران امر رباب چانڊيو ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو ۽ وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ عدالت پهتي،جڏهن تہ ڪيس ۾ نامزد جوابدار پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم پي اي سردار احمد چانڊيو، نواب برهان خان چانڊيو، اڳوڻو ايس ايچ او ڪريم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٻاهو ڪوسو : جي يو آءِ جي ضلعي مجلس شوري جو اجلاس

ٻاهوڪوسو(رپورٽر) جي يو آءِ جي ضلعي مجلس شوري جو اجلاس 7 جنوري تي ٿيندو، ضلعي ۾ چونڊن جي سلسلي ۾ اهم فيصلا ڪيا ويندا، خبر موجب جمعيت علماءِ اسلام ضلعي جيڪب آباد جي مجلس شوري جو هڪ اهم اجلاس 7 جنوري آچر ڏينهن 2 وڳي منجهند جامعہ بنات ٽل ۾ ٿي رهيو آهي، اجلاس جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو: امر رباب چانڊيو صحافين سان ڳالهائيندي

انشاءِ الله هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊجي سڪر جي عوام جي خدمت ڪبي : زاهد شاهہ بخاري

اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ سڪر شهر کي خوبصورت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪيترائي ئي مسئلا حل ڪرائي عوام کي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون ڏياريون آهن

سڪر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاهہ بخاري جيو آهي تہ اڳوڻو ايم اين اي نعمان اسلام شيخ سڪر شهر کي خوبصورت بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي سندس ڪوشش سبب سڪر شهر ۾ بهراڙي وارن علائقن جا ڪيترائي ئي مسئلا حل ڪرائي عوام کي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون ڏياريون آهن انشاءِ الله هڪ ڀيرو ٻيهر چونڊجي سڪر جي عوام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مريدشاخ پرسان ڳوٺ گولو چاچڙ ۾ پنجاب پوليس پاران صحافي جي گهر تي چڙهائي

پوليس چار جڻن صحافي وريام چاچڙ، شاهنواز چاچڙ، جام خان چاچڙ ۽ عبدالغفار چاچڙ کي اڪيون ٻڌي ڪٽي وئي

گل حسن، نورمحمد، شهزاد و چاچڙ، لياقت علي ٻين پنجاب ڪوٽ سبزل ٿاڻي جي ايس ايچ او سليم خلاف احتجاج ڪيو

ايس ايس پي رحيميارخان کان مطالبو ڪيون ٿا تہ ناحق ڪوڙي مقابلي ۾ ماريل جام خان خون سان انصاف ڪيو وڃي : مظاهرين

اوباڙو(رپورٽر) مريدشاخ ڪنڊيارا ٿاڻي جي حد ڳوٺ گولو چاچڙ ۾ پنجاب پوليس صحافي وريام چاچڙ جي گهر تي چڙهائي ڪري چار جڻن صحافي وريام چاچڙ ۽ عبدالغفار چاچڙ کي اڪيون ٻڌي ڪٽي وئي هئي، گڏريل رات پنجاب ڪوٽ سبزل پوليس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ صحافي وريام چاچڙ جي پاءِ جام خان چاچڙ کي ماري ڇڏيو آهي ،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ گل محمد ڏاهري جي گهرمان ڏاڙو، انصاف جي گهر

جوابدار گهرپاتين کي يرغمال بڻائي ڪمري ۾ وڙي 25 تولا سون، ويهہ لک روپيا روڪ ۽ ٻيو سامان ڦري ويا

ڏاڙي واقعي جي خبر پوڻ تي علائقي واسين جو وڏو انگ واقعي واري هنڌ پهچي ويو، متاثرن پاران واهر جي اپيل

ڦر ڪيل سون، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي، اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي : متاثر

ٽوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو تاڻي جي حد مان ڳوٺ گل محمد ڏاهري مان چهہ هٿياربند هٿياري جي زور تي ساجد علي عرف پپو ڏاهري جي گهر ۾ گهڙي پاتين کي يرغمال بڻائي ڪمري ۾ وڙي 25 تولا سون، ويهہ لک روپيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو ۾ گستا مهيسر تعلقي پاران احتجاجي مظاهرو

استاد عبدالماجد ساهڙ جي جبري بدلي ڪئي وئي آهي : مظاهرين

واهر نہ ٿي تہ وڏيڪ احتجاجن جو سلسلو شروع ڪيو ويندو

دادو(ن سنڌيار) گستا مهيسر تعلقي دادو پاران ڳوٺ امينائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شهدادپور ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگرهہ تقريب ملهائي وئي

شهيد بابا هندوستان جي قيد مان نوي هزار فوجي ڇڏرايا جنهنڪري سڄي دنيا سارا هيو : شاهد عبدالسلام ٿهيم ۽ ٻيا

اسان پاڪستان جي عظيم ليڊر قائد عوام شهيد بابا ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگرهہ جو جشن پيا ملهايون

شهدادپور(رپورٽ) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگرهہ تقريب ملهائي وئي،سوين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي شرڪت، خبرموجب پيپلز پارٽي پاران شهدادپور ۾ پاور شو ضلع سانگهڙ جا سمورا اڳواڻ پارٽي عهديدارن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شهدادپور ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 96 هين سالگرهہ تقريب ملهائي وئي

پڊعيدن ۾ 2 نينگرين ۾ دبجي فوت، گهر ۾ ڪهرام

وارڊ 7 ۾ اچانڪ ٻہ جي ڏڙ ڪرڻ سبب نينگرين ٻہ جي هيلان اچي دبجي ويون

ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

پڊعيدن(رپورٽر)پڊعيدن ۾ 2 نينگرين ۾ دبجي فوت لاش روول هيلٿ سينٽر ۾ ضروري ڪاروائي کان پوءِ وارثن حوالي نينگرين جا لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو (خبرموجب پڊعيدن جي وارڊ نمبر ست ۾ 2 نينگرين رضار ڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مٺياڻي شهر ۾ پي ٽي سي ايل ايڪسچينج تباهہ

سمورو نيٽ ورڪ فيل ٿي ويو، پنجاهہ نمبر بند، ڪاتو خاموش

ڪيترائي صارفين فون نمبر بند ڪرائڻ تي مجبور ٿي پيا

مٺياڻي (رپورٽر) مٺياڻي شهر ۾ پي ٽي سي ايل ايڪسچينج تباهہ. سمورو نيٽ ورڪ فيل ٿي ويو. پنجاهہ نمبر بند. سمورو سسٽم داڻان ڊول . سرڪاري ادارن جو ڪم ٺپ ٿي ويو. صارفينن ۽ سرڪاري ادارن جي انچارجن فيض محمد. محمد جمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ پريس ڪلب جي صحافين جي گڏيل طور سالگرهہ تقريب

پريس ڪلب پنهنجن ميمبرن کي مان ڏيڻ واري روايت برقرار رکيو پئي اچي : اڳواڻ

پريس ڪلب صدر صابر پنڊ، ولي چانڊيو، شهزاد چانڊيو، قربان خشڪ ۽ ٻين جي شرڪت

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پريس ڪلب دادو پنهنجن ميمبرن کي مان ڏيڻ واري روايت برقرار رکيو پئي اچي، دادو پريس ڪلب جي سموري سٽ جن پريس ڪلب جي سائين سينئر صحافي سرور جلال سولنگي، صحافي ارباب رستماني، صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ پريس ڪلب جي صحافين جي گڏيل طور سالگرهہ تقريب جو ڏيڪ

دادو ۾ پريس ڪلب جي صحافين جي گڏيل طور سالگرهہ تقريب

پريس ڪلب پنهنجن ميمبرن کي مان ڏيڻ واري روايت برقرار رکيو پئي اچي : اڳواڻ

پريس ڪلب صدر صابر پنڊ، ولي چانڊيو، شهزاد چانڊيو، قربان خشڪ ۽ ٻين جي شرڪت

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پريس ڪلب دادو پنهنجن ميمبرن کي مان ڏيڻ واري روايت برقرار رکيو پئي اچي، دادو پريس ڪلب جي سموري سٽ جن پريس ڪلب جي سائين سينئر صحافي سرور جلال سولنگي، صحافي ارباب رستماني، صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ پريس ڪلب جي صحافين جي گڏيل طور سالگرهہ تقريب جو ڏيڪ

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 07 جنوري 2024ع

سينيٽ مان چونڊون ملتوي ڪرڻ وارو منظور ٿيل ٺهراءُ

سينيٽ آف پاڪستان ملڪ ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ "اڪثريتِ راءِ" سان منظور ڪري ورتو آهي. خيبر پختونخوا جي آزاد سينيٽر دلاور خان طرفان پيش ڪيل ٺهراءُ ۾ چاٽايو ويو آهي ته. ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ سخت سِيءُ آهي، ان ڪري انهن علائقن ۾ چونڊ عمل مشڪل آهي، اليڪشن مهم دوران انٽيليجنس ايجنسيون جا ٽريٽ الرٽ آهن، ان جي مسئلن جي حل تائين چونڊون نه ڪرايون وڃن. 8 فيبروري وارو اليڪشن شيڊيول ملتوي ڪيو وڃي. موسم، سيڪيورٽي ۽ ڪورونا جي جواز تي ٻڌل ان ٺهراءُ پيش ڪرڻ وقت سينيٽ ۾ صرف 14 سينيٽر موجود هئا. ڪورم پورو نه هو، جنهن جي نشاندهي ڪرڻ جي به ضرورت محسوس نه ڪئي وئي ۽ ان ٺهراءُ جي منظوريءَ ۾ تنهي وڏين پارٽين، مسلم ليگ (ن)، پ پ پ ۽ پي ٽي آءِ جا سينيٽر شامل هئا. اليڪشن ڪميشن جي چاٽايل ٺهراءُ تي ردعمل ۾ چاٽايل آهي ته، سينيٽ ٺهراءُ جو اليڪشن شيڊيول تي ڪوبه اثر ڪونه پوندو. سپريم ڪورٽ جي حُڪمن ڪانسواءِ ڪي به حُڪم اليڪشن شيڊيول تي اثرانداز نه ٿيندا.

اهو ئي ٿيو جنهن جو خدشو هو ڪُجهه ڏريون چونڊن واري جمهوري عمل کي التويٰ ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيون پر سپريم ڪورٽ انهن جي مقصدن جي تڪميل جي راهه ۾ رنڊڪون وجهندي اليڪشن هر صورت ۾ شيڊيول موجب ڪرائڻ جو حُڪم ڏنو پر انهن جمهوريت جي بدخواهه قوتن هن پيري خود پارليامينٽ جي مٿئين ايوان کي سامهون آڻي بيهاريو. اسان کي اها خبر ناهي ته، ان ٺهراءُ کي منظور ڪندڙ توهين عدالت جي ڏمري ۾ اچن ٿا يا نه. پر ان حقيقت کان بهرحال انڪار ڪري نه سگهبو ته، جمهوريت کان خائف ۽ خوفزده قوتون چونڊن واري جمهوري عمل ۾ رخنو وجهڻ واريون ڪوشش ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ضرور ٿيون آهن. سمجهڻ جي ڳالهه اها آهي ته، سينيٽ مان اليڪشن ملتوي ڪرڻ وارو منظور ٿيل ٺهراءُ آهي، اها ڪا قانونسازي نه آهي. ٺهراءُ ۽ قانونسازي ۾ فرق آهي، ان سان اليڪشن شيڊيول تي فرق نه پوڻ گهرجي. اليڪشن ڪميشن به چونڊ شيڊيول تي فرق نه پوڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان جي سگهه ۽ توانائيءَ لاءِ سپريم ڪورٽ وارو فيصلو به موجود آهي. باقي جيتريقدر سياسي پارٽين جي ڪردار جو ان ٺهراءُ جي منظور ڪرائڻ جو تعلق آهي ته، اها ڳالهه پڌري پٽ چِتي ۽ واضح آهي ته، سموريون ڏريون جمهوري عمل کي "ڊي ريل" ڪرڻ واري ان ٺهراءُ جي منظوريءَ واري عمل ۾ شامل آهن. اهي پارٽيون پڻ پڌريون ٿي پيون آهن جيڪي پنهنجي پاڻ کي جمهوريت جون "چئمپيئن" سڏرائين ٿيون. ڇا ان اهم ٺهراءُ جي منظوريءَ جي موقعي تي سينيٽرن جي غير موجودگي اتفاقي سمجهجي؟ شروع کان وٺي طريقه واردات اهوئي رهندو اچي. هاڻي انهن پارٽين جا اڳواڻ بيانن ۾ لفظن جي فضول خرچي پيا ڪن. شعلا بياني ۽ جا جوهر پيا ڏيکارين. جي واقعي به ان کي غلط عمل سمجهن ٿا، ۽ اهو جڏو جواز ٿا ڏين ته، ان ٺهراءُ پيش ڪرڻ کان اڳ سيني کي اڇاڻ رکيو ويو هو ته ڇا اهي سينيٽ چيئرمين خلاف بيهڻ لاءِ تيار آهن؟ جمهوريت جي هڪ وڏي اداري طرفان جمهوري عمل کي پٽڙيءَ تان لاهڻ جي ڪوشش انتهائي افسوس جوڳي آهي. باقي جيتريقدر اليڪشن ملتوي ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ ۾ جواز چاٽايا ويا آهن، اهي ايتري اهميت نٿا رکن امن مان جون خراب حالتون آهن، موسم نامهربان آهي ته ڇا ان کي جواز بڻائي جمهوري عمل روڪي ڇڏجي؟ 2008ع ۽ 2013ع ۾ ته حالتون اڄ کان به خراب هيون.

اسان ان راءِ جا آهيون ته، امن امان ۽ موسم کي جواز بڻائي اليڪشن ملتوي ڪرڻ جا جواز ڳولڻ ڪنهن به ريت دانشمندي نه آهي. هن وقت ملڪ کي سنگين بحران درپيش آهن. ان ڪري وڏيڪ بحران پيدا ڪرڻ جو جوکم کڻڻ کان پاسو ڪيو وڃي. اليڪشن جو عمل بنا ڪنهن رخني جي جاري رهڻ گهرجي. اهوئي هن ملڪ جي استحڪام لاءِ بهتر آهي.

اتر ڪوريا: نئين جنگي صفبندي شروع

جاويد پٽني

هڪ ايٽمي جنگ پاڻي اها ڪيتري به محدود ٿي چو نه هجي پر اها لکين ماڻهن جي زندگين کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي، جيڪو هڪ خوفناڪ قدم به آهي. هن وقت پوري دنيا ۾ ڪيترن ئي محاذن تي جنگ هلي رهي آهي ۽ ڪيترائي محاذ اهڙا آهن، جيڪي ايڏا ڪلڻا آهن انهن ۾ اتر ڪوريا به سرفهرست آهي، جنهن پنهنجي ايٽمي پروگرام بعد سيٽلائيٽ ايٽمي ٽيڪنالاجي سبب پوري دنيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. اتر ڪوريا جي ايٽمي ۽ ميزائل سرگرميون جي جواب ۾، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل، انفرادي ملڪن سان گڏ، اتر ڪوريا تي اقتصادي پابنديون جو هڪ سلسلو لاڳو ڪيو آهي. انهن پابندين جو مقصد اتر ڪوريا جي حڪومت تي دباءُ وجهڻ آهي ته هو پنهنجي ايٽمي هٿيارن جي پروگرام کي ختم ڪري.

اتر ڪوريا گذريل 10 سالن ۾ 130 کان وڌيڪ ميزائل تجربا ڪيا، جن ۾ بين البراعظمي بئليسٽڪ ميزائلن جا تجربا به شامل آهن. انهن ۾ 4 نيوڪليئر تجربن سان آخري 2017ع دوران ٽرمونيوڪليئر بم جو�ماڪو به شامل آهي. انهن جو مڪ مقصد ڏکڻ ڪوريا جي مدد جي نالي تي علائقي ۾ موجود آمريڪي فوجين کي ٻاهر ڏکڻ آهي. اتر ڪوريا جي سربراهه ڪم جونگ آن واشنگٽن کي ڌمڪي ڏيندي چيو آهي ته هو اسان جي خطي مان نڪري وڃي. ڪم جونگ آن اعلان ڪيو آهي ته سندس ملڪ پهريون فوجي جاسوسي سيٽلائيٽ تيار ڪري ورتو آهي، جيڪو اتر ڪوريا جي بين البراعظميٰ بئلسٽڪ ميزائل تجربي جي هڪ هفتي بعد سامهون آيو آهي. اتر ڪوريا جي سرڪاري ميڊيا خبر ڏني آهي ته ڪم جونگ آن آمريڪا ۽ ان جي اتحادين تي نظر رکڻ لاءِ خلا ۾ سيٽلائيٽ موڪلڻ جو حڪم ڏنو آهي. ڪم جونگ آن چيو آهي ته فوجي جاسوسي سيارا خلا ۾ موڪلڻ وارو پروگرام اسان 2021ع ۾ شروع ڪيوهئن جنهن کي ايندڙ سال ۾ مڪمل ڪيو ويندو. اتر ڪوريا جي سرڪاري نشرياتي اداري (ڪي سي اين اي) موجب، آمريڪي سامراج، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپاني فوج جي اسان خلاف جرپر هٿيارن جي سپلاءِ ۽ ٻين فوجي حرڪتن کي مانيٽر ڪرڻ لاءِ اهو پروگرام شروع ڪيو ويو آهي. رائيٽرز ان حوالي سان لکيو آهي ته جاسوسي سيٽلائيٽ اتر ڪوريا جي ايٽمي پروگرام جيان ئي ڪراري آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته هو سيٽلائيٽس ۾ به بئليسٽڪ ميزائل واري ساڳي ٽيڪنالاجي استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ان ٽيڪنالاجي تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي پابندي مڙهيل آهي. ورلڊ انسٽيٽيوٽ فار نارٿ ڪوريا اسٽڊيز جي سربراه اين چن ال ٻڌايو آهي ته اتر ڪوريا کي ان جاسوسي سيٽلائيٽ ۾ روس ۽ چين تمام گهڻي مدد ڪئي آهي. هاڻ جيڪڏهن ڪو به ٻيو ملڪ اتر ڪوريا تي ايٽمي يا ڪو ميزائل حملو ڪندو ته اهو جاسوسي سيٽلائيٽ اڳواٽ خبر ڏيندو ۽ ان کي خلا ۾ ئي تباهه ڪري ڇڏيندو. اهو پروگرام ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي رهيو آهي، جنهن تي آمريڪا ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان سان ان پروگرام جي حوالي سان ٽوان فوجي معاهدا به ڪري ورتا آهن ۽ ڏکڻ ڪوريا کي جديد اسٽيلٿ جيٽ جهازن سان گڏ ايٽمي هٿيار به ڏيڻ شروع ڪيا آهن.

هڪ اهڙو غريب ملڪ، جنهن جي عوام وٽ کائڻ لاءِ به ڪجهه نه هجي، ان جي ايٽري جديد ايٽمي ٽيڪنالاجي واري ترقي دنيا کي به حيران ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي آڏار تي ان ڳالهه جي خبر وٺڻ شروع ڪئي وئي آهي ته آخر انهن وٽ ايترا پيسا اچن ڪتان پيا؟ اتر ڪوريا تي لاڳو عالمي پابندين جي نگراني ڪندڙ اداري هڪ رپورٽ ۾ چيو آهي ته اتر ڪوريا پنهنجي ان پروگرام کي جاري رکڻ لاءِ چوري جا پيسا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا آهن. سيٽلائيٽ لانچ ۾ بئلسٽڪ ميزائل ٽيڪنالاجين ايٽمي ۽ ميزائل پروگرام لاءِ اتر ڪوريا سائبر حملا ڪري فنڊ گڏ ڪرڻ شروع ڪيا آهن. گڏيل قومن جي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اتر ڪوريا ڪرپٽو ڪرنسي چوريءَ کي وڏيڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي. 2022ع ۾ ٽيل ان عالمي چوري ۾ به اتر ڪوريا جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪيو آهي، پر اتر ڪوريا هينڪنگ ۽ سائبر حملن کي رد ڪيو آهي.

آمريڪا، جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا اتر ڪوريا جي سائبر حملن ۽ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي تي گڏجهه اجلاس ڪري حڪمت عملي جوڙڻ شروع ڪئي آهي. تنهنهي گڏيل طور تي اتر ڪوريا کي جواب ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي. واٽيٽ هائوس جي قومي سلامتي واري صلاحڪار جيڪ سليوان ٻڌايو آهي ته تنهي اتحادين (DPRK) جي سائبر ڪرائيم، ڪرپٽو ڪرنسي، مني لانڊرنگ کان ويندي اتر ڪوريا جي خلاڦ بئلسٽڪ ميزائل پروگرام جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ٽوان ٽوان قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو آهي جنهن کي في الحال ظاهر نه ڪيو ويندو. اسان مني لانڊرنگ ۽ ڪرپٽو ڪرنسي جي هينڪنگ ۽ چوري ان سان حاصل ٿيندڙ آمدني ۽ پوءِ ان جي مقاسقا ذريعي لانڊرنگ ڪرڻ جي صلاحيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ان حوالي سان ٻين ايشيائي ملڪن سان به ڳالهيون شروع ڪيون ويون آهن. گڏيل قومن جي اداري به چيو آهي ته اتر ڪوريا چوري ڪيل ڪرپٽوڪرنسي فنڊن مان پنهنجو ايٽمي پروگرام تيزي سان هلائي رهيو آهي.

1950ع کان 1953ع تائين ڪوريا جنگ انتهائي خطرناڪ طريقي سان هلي. ان وقت اتر ڪوريا جي روس ۽ چين مدد ڪئي ۽ ڏکڻ ڪوريا جي آمريڪا ۽ ان جي اتحادي ملڪن ڪئي. اها جنگ 1953ع ۾ نه جنگ بندي سان ختم ٿي، نه ئي ڪنهن امن معاهدي سان ختم ٿي. جنهن سبب ڪورياائي ٻيٽ اڄ ڏينهن تائين جنگي حالت ۾ آهي. ڪورين ڊيملي‌ٽرائزڊ زون (ڊي ايم زيڊ) هڪ انتهائي مضبوط سرحد آهي، جيڪا اتر ۽ ڏکڻ کي ڌار ڪندي آهي. ٻنهي ملڪن جون وڏيون فوجون ان علائقي ۾ اڄ به مقرر آهن. ان چڪتاڻ جي خاتمي لاءِ سالن کان هلندڙ سفارتي ڪوششون اڄ ڏينهن تائين ڪامياب ناهن ٿيون. سالن کان جاري جنگ جي ڪري ٻنهي ملڪن جو عوام هڪ ٻئي سان ملي به نه ٿو سگهي. خاندانن جي وچڙن به حالتن کي انتهائي خراب ڪيو آهي. جاپان ۽ اتر ڪوريا جو جهيڙو پراڻو آهي. 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ اتر ڪوريا جي ايجنٽن ذريعي جاپاني شهرين کي اغوا ڪيو ويو. اتر ڪوريا 2002ع ۾ ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو. ڪجهه ماڻهن کي واپس به ڪيو ويو پر ان وقت کان انهن ٻنهي ملڪن ۾ جهيڙو هلندو پيو اچي.

ڪامريڊ ڪم ال سنگ جي وفات بعد اتر ڪوريا جو اقتدار سندس پٽ ڪم جونگ ال کي جولاءِ 1994ع ۾ مليو. ان وقت ملڪ ۾ ڏڪار واري صورتحال هئي. 1997ع ۾ 20 لک ماڻهو بک وگهي مري ويا. ان وقت اتر ڪوريا جي بجٽ 6 ارب آمريڪي ڊالر هئي. ان ڏڪار واري حالت ۾ به ڪم جونگ ال پنهنجي ايٽمي ميزائل پروگرام تي ساليانو هڪ ارب ڊالر خرچ ڪيا. هن پنهنجي والد ڪم ال سنگ جو مقبرو به 80 ڪروڙ ڊالرن ۾ تيار ڪرائي ورتو. ڊسمبر 2011 تي ڪم جونگ ال دل جي دوري ۾ وفات ڪئي ته ڪم جونگ آن کي سندس گادي تي ويهاريو ويو. ڪم جونگ آن پنهنجي ڏاڏي ڪم ال سنگ جي "هڪ ڪوريا" واري خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ تيزي سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

اتر ڪوريا پنهنجا ٽوان اتحادي ٺاهڻ شروع ڪيا آهن. يوڪرين جنگ ۾ مدد سبب روس اتر ڪوريا جي هر ممڪن مدد ڪري رهيو آهي. هڪ ڪميونسٽ ملڪ هجڻ ڪري چين به ڪين اڪيلو ناهي ڇڏيو. ڪم جونگ آن ۽ پيوتن جون ملاقاتون جاري آهن. تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ سفارتي ڪوششون جاري آهن پر ان جو ڪو نتيجو نه ٿو نڪري. ڏکڻ ڪوريا ۽ علائقي ۾ آمريڪي فوجي قوتن جي موجودگي صورتحال کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. علائقي ۾ اقتصادي مفاد، علائقائي سلامتي ۽ وسيع جاگرافيائي سياسي تحفظات انهن فوجي ۽ سياسي چالبازين سبب سخت متاثر ٿي رهيا آهن ۽ انهن ملڪن جون اهڙيون پاليسيون جاري رهيون ته پوءِ ان جا پوري خطي ۽ دنيا تي انتهائي خطرناڪ اثر مرتب ٿيندا.

پاڻوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄڻين؛ اَلَستُ بِرَبِّڪُم، ڇَيائون جنهن وارَ؛ سَندي سورَ ڪِنارَ تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

منصور جو سنڌو لکت تي تحقيقاتي ڪتاب جو جائزو

خاصخيلي لطيف راولائي

سنڌي ادب ۾ منصور ٿلهو جو نالو ادبي دنيا جي لاءِ نئون ڪونهي پاڻ سنڌي ناول تي ايم فل ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ادب کي ايستائين پنجويهن کان مٿي ڪتاب ڏيئي چڪو آهي ۽ اڄان به سندس لکڻ جو ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جو عمل جاري آهي ادبي دنيا ۾ پاڻ تحقيقي ادب کان علاوه لسانيات تي تمام وڏي تحقيق ڪندي موئن جي دڙي جي لکت سنڌو لکت تي تحقيق ڪندي ايستائين چار ڪن ڪتاب لکي چڪو آهي ۽ اڄان به سنڌو لکت تي تحقيق جاري آهي پاڻ انهي جستجو ۽ جاکوڙ ۾ رهندو آهي ته اها موئن جي دڙي جي لکت جن کي اسان جي ماضي جي عالمن تحقيق ڪري اٿهورو ڪري ڇڏيو هو ڊاڪٽر منصور ٿلهو انهي ڇڏيل ڪم کي اڳتي ڪٽي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي ته اها موئن جي دڙي جي ٻولي جنهن کي سنڌو لکت جو نالو ڏنو ويو آهي اها ڪهڙي دور جي ۽ ڪهڙن ملڪن ۾ لکي ۽ پڙهي ويندي هئي انهي کوجنا ۾ پاڻ هي نئون ڪتاب ڪورين ,ريونس فڪارڪ ليپيون ۽ سنڌو لکت لکي انهي ڪم ۾ وڏيڪ واڌارو ڪيو آهي انهي ڪتاب جي اريٽا به موئن جي دڙي تي جنهن شخص سڀ کان پهرين تحقيق ڪئي هئي انهي جي نالي ڪيو آهي اهو شخص بنگلاديش جي ڌرتي سان واسطو رکندڙ هو جنهن جو نالو آر ڊي پئنرجي هو هي مشهور آرڪيالاجسٽ جنهن سڀ کان پهرين موئن جي دڙي جو ماڳ ڳولي لڌو هو هي مشهور آرڪيالاجسٽ 12 اپريل 1885ع ۾ بنگال جي ضلع مرشدآباد ۾ پيدا ٿيو ۽ 23 مئي 1930ع ۾ انڊيا جي شهر ڪولڪتا ۾ وفات ڪيائين ڊاڪٽر منصور جي تحقيق جي مطابق سنڌي ٻولي آڳاٽي آهي ۽ تي قبل مسيح کان لکي ۽ پڙهي ويندي هئي جن جا لکت ۾ ثبوت پڻ ڊاڪٽر منصور هٿ ڪيا آهن. ٻولي جي باري ۾ دنيا جي ماهرن جو خيال آهي ته دنيا جون ٻوليون سنڌو لکت سميت ارتقا جون منزلون طي ڪندي صورتون مٽائيندي رهيون آهن موئن جي دڙي جي مليل مهرن مان اندازو لڳائجي ٿو ته اهي به مختلف دورن ۾ استعمال ٿيندي رهيون آهن اها دنيا جي قديم رسم الخط آهي جڏهن اسان دنيا جي ٻين ٻولين جو جائزو ولون تا جن ۾ عبراني يوناني اطالوي ۽ مصري ٻوليون اجي وجن ٿيون ته انهن جي رسم الخط ۾ ڪافي هڪجهڙائي ملي ٿي جيڪي ان دور ۾ انهن ملڪن ۾ ڳالهايون ويندڙ هيون ڊاڪٽر منصور سنڌو لکت کي دنيا جي مختلف ٻولين سان ملائيندي انهي نتيجي ته پهتو آهي ته ان دور ۾ ٻولين ۾ ڪافي حد تائين هڪجهڙائي هوندي هئي انهي سلسلي ۾ پاڻ دنيا جي مختلف ۾ وڃي اتي لسانيت جو مطالعو ڪري نتيجا اخذ ڪندو آهي تازو ڪيل ڪتاب جيڪو ڪوريا جي ٻولي تي تحقيق آهي انهي لاءِ پاڻ ڪوريا ۾ رهندڙ سنڌي دوستن سان رابطا ڪري معلومات ورتي ۽ اتي پنجويهن سالن کان رهندڙ سنڌ واسي سليمان خاصخيلي کان معلومات ورتي جنهن کي ڪورين ٻولي تي مهارت هئي اتان ڊاڪٽر صاحب ڪافي معلومات گڏ ڪري هي تحقيقي ڪتاب مرتب ڪري لکيو آهي ۽ ان ۾ چارٽن وسيلي اهو ظاهر ڪيو آهي ته سنڌو لکت ۽ ڪوريا جي لکت ۾ ڪافي لفظ پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ انهن جون ٻوليون به سنڌو لکت سان هڪجهڙائي رکن ٿيون ان کان علاوه ريونس فڪارڪ ليپيون به سنڌو لکت سان ڪافي هڪجهڙائي رکن ٿيون ڊاڪٽر منصور جو هي ڪتاب سنڌي ادب جي لسانيت جي شعبي ۾ اهم جاءِ والاري ٿو ۽ اڳتي هلي سنڌو لکت تي وڏيڪ ڪم ڪندڙن ۽ تاريخ جي شاگردن جي لاءِ هڪ بهترين گائيڊ جي طور تي رهنمائي ڏيندو ۽ ٽوان رستا ڏيکاريندو تاريخ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي تحقيق جا ٽوان رستا کلي رهيا آهن جديد دور ۾ انسان نئين راه جي ڳولا ۾ آهي اهڙي ريت ڊاڪٽر منصور به سنڌ کان ٻاهر رهندي مسلسل سنڌ ۽ سنڌي ٻولي لاءِ جاکوڙي رهيو آهي پاڻ رهندو ته امريڪا ۾ آهي پر ان جون نظرون دنيا جي هر ملڪ تي هوندڙيون آهن جتي ان کي سنڌو لکت جي کوجنا هوندي آهي ته ڪهڙن ملڪن ۾ سنڌو لکت جي هڪجهڙائي آهي ۽ پوءِ هو انهي ملڪ طرف سفر ڪري اتي پهچي اتي جي تحقيقي ادارن ۾ وڃي ٻولي جي ڳولا جاري رکندي گهريل نتيجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيڪا محنت ۽ جستجو جاري آهي زير نظر ڪتاب به انهي جي هڪ ڪڙي آهي جيڪو پڻ موئن جو دڙو ريسرچ پبليڪيشن طرفان شايع ڪرايو ويو آهي جيڪو ادارو صرف موئن جي دڙي جي سنڌو لکت جي باري ۾ ڪتاب شايع ڪرائڻ ۽ ان تي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي جئين انهي تحقيقي ڪم کي اڄان به وڏيڪ دنيا جي آڏرو شناس ڪيو وڃي هي ڪتاب اپريل 2023ع ۾ شايع ٿيو آهي قيمت به مناسب رکي وئي آهي ڪتاب جا صفحا 150 آهن ۽ مختصر نموني سان سولائي سان چارٽ ۽ نقشن سان سنڌو لکت جي ٻاري ۾ سمجهائي ڏني وئي آهي

بڦايا *** 01

۾ قرارداد جي حمايت ڪئي. پي ٽي آءِ وارا سازش جي تحت پهريان لاهور هاءِ ڪورٽ ويا پوءِ سينيٽ قرارداد جو سات ڏنو هي ماڻهو اندر چپ رهندا آهن ۽ ٻاهران روج پٿڪو ڪندا آهن. هن چيو ته جيلن ۾ ويهي ڏمڪيون ڏيڻ بند ڪريو اهڙن ماڻهن کي پاڪستان جي عوام ووٽ نه ڏيندي پاڪستان جي عوام کي چونڊون گهرجن هي ملڪ هاڻ 28 مئي وارن جي حوالي ٿي رهيو آهي 9 مئي وارن تي آرٽيڪل 6 لڳڻ گهرجي 9 مئي تي پوري ملڪ جو سازش جو چيو ويو پوءِ چيو ويو ته ڪارڪنن اهو ڪيو هاڻ ڪارڪن پوڳي رهيا آهن اها ڊرامن کي ڏٺهن ملي جڏهن 9 مئي جي دهشتگردن کي ڳالهه توسي پو چيو ويو اهڙن ماڻهن کي عوام سڃاڻي ٿي مريم اورنگزيب چيو ته مسلم ليگ(ن) چونڊن جي لاءِ تيار آهي (ن) ليگ کي اليڪشن ڪميشن جي هدايت موجب 8 فيبروري تي فيصلو گهرجي. فيصلو پاڪستان جي عوام کي ڪرڻو آهي. اسان اسيمبلين جي ٻاهران ڊرامو ڪرڻ وارا نه آهيون. هن وڌيڪ چيو ته سينيٽ جو اجلاس جي چونڊ شيڊول تي عمل ٿيندو ٻيون پارٽيون روئين يا رڙيون ڪن چونڊون 8 فيبروري تي ٿيندون. مسلم ليگ(ن) جي جلسن جو ايندڙ هفتي شيڊول طئي ٿيندو.

بڦايا *** 02

۾ 9 رڪني لارجربنچ 8 فيبروري تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس تي ٻڌڻي ڪندي

بڦايا *** 03

درخواستگذار موقف اختيار ڪيو آهي ته سينيٽ جي منظور ٿيل ٺهراءُ کي غير ڦاٽوئي ۽ غير آئيني قرار ڏنو وڃي درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته جن ميمبر ٺهراءُ پاس ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو انهن خلاف آرٽيڪل 6 جي ڪارروائي ڪئي وڃي. درخواستگذار چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ تي توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪئي وڃي

بڦايا *** 04

جيل ڏريعن موجب پرويز الاهي گذريل هفتي آر آءِ سي ۾ ٽيليئر ٽيسٽ ڪرائڻ ڪانپو جيسٽ انڪشن ۾ مبتلا ٿي ويو هو جنهن ۾ ڪليئر ٿي ويو هو جيل ڏريعن موجب پرويز الاهي جو طبي معائنو به معمول موجب جيل جي اسپتال ۾ ڪيو ويو آهي پر سندس مڪمل طبي معائنو آر آءِ سي ۾ ڪرايو ويندو جتي هاڻي سندس ڪجهه وڌيڪ ٽيسٽون ڪرايون ويندون

بڦايا *** 05

اليڪشن ۾ اسان جو 10 نقاطي ايجنڊا اسان جو منشور آهي. پ پ چيئرمين چيو ته اليڪشن ڪميشن 8 فيبروري تي چونڊن جو شيڊول جاري ڪري ڇڏيو آهي اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ شفاف ۽ غير جانبدار چونڊون ٿين. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته لاهور ۾ ڪم ڪرڻ جي ايتري ضرورت آهي جيتري باقي پاڪستان ۾ ناهي، ڏيکاريو پيو وڃي ته لاهور ۾ ڪير ۽ ماڪي جون نديون وهن ٿيون. چيو وڃي ٿو ته جيڪي هتي 30 سالن کان اقتدار ۾ رهيا آهن انهن جا روڊ سون جا ناهيا آهن. مان هتي روڊن تي هليو آيو آهيان. هتي تمام گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته لاهور مان اليڪشن وڙهڻ جو مقصد اهو آهي ته پيپلز پارٽي لاهور کي پنهنجو سمجهي. هن اليڪشن ۾ چونڊ وڙهندا سين مان پنهنجي سياسي سفر جي شروعات لاهور کان ڪري رهيو آهيان. شهباز شريف پنهنجو ڪم لاهور ۾ ڪري سگهي ٿي چاڪاڻ ته اسان ڪيس اين ايف سي ايوارڊ ڏريعي بااختيار بڻايا. گذريل تن صوبائي حڪومتن پنجاب جي عوام کي حق نه ڏنا.

بڦايا *** 06

aآهي. سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي ٻڌڻي ٿي هن چيو ته فيڊرل جڊيشل اڪيڊمي رابطي جو بهترين ڏريعو آهي قانون جا شاگرد سنڌو سنڌون فائدو وٺي سگهن ٿا. چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته ماحولياتي تحفظ وقت جي ضرورت آهي. ڪيسن جي ٻڌڻي دوران جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان وسيلا بچائي سگهجن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته عوامي اهميت جا ڪيس سپريم ڪورٽ مان سنڌو سنڌون ٿيلي ڪاسٽ ڪيا وڃن. ان عمل سان انصاف جي نظار ۾ وڌيڪ شفافيت ايندي. فضول مقدمن کي روڪڻ لاءِ ليول پلئنگ فيلڊ تي ڪم ڪرڻو پوندو

بڦايا *** 07

وڃي، ڪراچي ۾ رضوان هارون ۽ ايڊووڪيٽ انيس احمد سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار ڪهوڙ چيو ته دهشتگردي، زلزلا ۽ ٻوڙ باوجود چونڊون ٿيون آهن، پاڪستان ۾ جيڪا صورتحال پيدا ڪئي ڀٽي وڃي، ان تي افسوس جو اظهار ڪريون ٿا، گذريل ڏينهن سينيٽ جو ڪورم پورو نه هئڻ باوجود ٺهراءُ منظور ڪيو ويو سينيٽ ۾ ويهل 12 ماڻهن عوام سان ملڻ کيس اليڪشن معطل نه ٿيندي، عوام کي اليڪشن کان پري رکڻ غيرآئيني آهي، اليڪشن معطل ڪرائڻ جي ناپاڪ ڪوشش جي مذمت ڪريون ٿا

بڦايا *** 08

آهي، جنهن بابت دي اڪنامڪان جواب طلب ڪندا سين. ٽجي ٽي وي جٽنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي مرتضيٰ سولنگي چيو ته گهوٽ مضمون ۾ پاڪستاني ادارن خلاف ٻي بنياد پريشڪنڊا ڪئي وئي آهي، اها دي اڪنامسٽ کي لکي رهيا آهيون ته توهان بنا تحقيق جي گهوٽ مضمون ڇاپي ڇڏيو، اسان جي اطلاعن موجب اهو مضمون عمران خان نه لکيو، هن وڌيڪ چيو ته نگران حڪومت 9 مئي سانحي جي جاچ لاءِ ڪابينا ڪميٽي جوڙي آهي، اسان آنفرادي ڪيسن ڏانهن نه ويندا سين پر جاڻ جي روشني ۾ پنهنجي فائنڊنگز ڏيندا سين ۽ اڳتي اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ حڪمت عملي به ڏيندا سين.

بڦايا *** 09

گهري ورتي. 5 صفحن تي ٻڌل لکت حڪم نامو چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ لکيو عدالت عظميٰ وفاقي حڪومت کان ڪنهن کي به گم نه ڪرڻ جي لکت خاطري گهري ورتي، جڏهن ته عدالت لکت خاطري جمع ڪرائڻ جي به هدايت ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ بلوچن جي پرامن احتجاج تي پوليس جي ٻري ورتاءُ کان به روڪي ڇڏيو. لکت حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته پرامن احتجاج هر شهري ۾ چيو ويو آهي ته، حڪومت لاڳاپيل وزارتن جي سينيئر آفيسرن جي لکت خاطري ڏئي ته ڪنهن کي قانون کان مٿانهين طور نه ڪنيو ويندو عدالت جي نوٽيس ۾ آندو ويو ته عدالتي ۾ احتجاج ڪندڙ بلوچن تي پوليس تشدد ڪيو، عدالت پرامن ماڻهن تي ڪنهن به قسم جي تشدد جي اجازت نه ڏيندي. سپريم ڪورٽ تامي موجب عدالت فيض آباد ڏرڻي بابت فيصلي ۾ به پرامن احتجاج جو حق واضح ڪري چڪي آهي، گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن 10 ڏينهن ۾ تفصيل اٿارٽي جنرل کي جمع ڪرائي ۽ اٿارٽي جنرل ڪميشن جي رپورٽ ڪانپو حتمي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي.

بڦايا *** 10

ٻڌايو ته انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 7 دهشتگردن کي گرفتار ڪيو ويو. ترجمان موجب ڪارروائيون لاهور، قصور سرگوڌي، بهاولپور ۽ بهاولنگر ۾ ڪيون ويون، لاهور مان ڪلعدم ٽي ٽي پي جا 3 اهم ڪارڪن گرفتار ٿيا. ترجمان ٻڌايو ته دهشتگردن ۾ زمان، شاهه محمد، عابد، خالد محمود، عظيم، احمد شاهه، نور شامل آهن. وڪيل عدالت ۾ ان جي خلاف سوٽ داخل ڪن انسائي حقن واري نگران صوبائي وزير جو ٽواچون وڪيلن بابت جهوڙي ريت ڊاڪٽرن کي هائوس جاب لاءِ وظيفو ملندو آهي ساڳي طرح اسان هيومن رائيٽس کان شاگردن کي 25 هزار روپيه مهيني ۾ ڏيندا سين، آءِ پي اي جي ڪجهه پروفيسرن کان اسان ڪورسز تيار ڪرايو آهي جيڪي ڪراچي ۽ سکر ۾ پڙهائيندا سين قانون واري نگران صوبائي وزير هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته عوام پنهنجي مسئلن تي چوڌيل نمائندن کان سوال ڪن ۽ انهن کان پڇا گاڇا ڪن، اسان وٽ اختيار محدود آهن هن چيو ته آءِ ڪشموريور جو شڪاريور جو دورو ڪيو ۽ مان ٽي مهينا پهريان ئي چيو هو ته ڪشمور ۽ شڪاريور ۾ پوليس کي نفري ۽ هٿيارن جي ضرورت آهي، جنهن بابت گهوڙو وزارت سنڌ کي آگاهه ڪيو هو، جڏهن ته تقريب کي سنڌ بار ڪائونسل جي ايڊووڪيٽ تعبير احمد قريشي، ملير بار جي صدر ناصر رند، جنرل سيڪريٽري شير خان راهو

بقايا سنڌيار 01

ڪرائڻ ۽ ڪنهن کي به ماحول خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏيڻ لاءِ هتي پوليس آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته جيئن الڪشن واري ڏينهن پرامن طريقي سان الڪشن جو پراسيس خوشگوار ۽ بهترين ماحول ۾ ڪري. امن امان جي صورتحال تي ڪنٽرول ڪري سگهجي، خاص ڪري حساس پولنگ اسٽيشنن تي پوليس ان ڏينهن پنهنجو بهتر فرض نڀائي سگهي هن جيو ته حيدرآباد ڊويزن جي ڪجهه ضلعن جنهن ۾ لئو سجاول تنڌوءمحمد خان ۽ بدين ۾ منشيات جو ڪاروبار ٻين ضلعن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي ان جوخاتمو آڻڻ لاءِ پوليس کي سختي سان هدايتون ڪيون ويون آهن ته جيئن الڪشن واري ڏينهن پرامن طريقي سان الڪشن جو پراسيس خوشگوار ۽ بهترين ماحول ۾ ڪري. امن امان جي صورتحال تي ڪنٽرول ڪري سگهجي، خاص ڪري حساس پولنگ اسٽيشنن تي پوليس ان ڏينهن پنهنجو بهتر فرض نڀائي سگهي هن جيو ته حيدرآباد ڊويزن جي ڪجهه ضلعن جنهن ۾ لئو سجاول تنڌوءمحمد خان ۽ بدين ۾ منشيات جو ڪاروبار ٻين ضلعن جي پيٽ ۾ وڌيڪ آهي ان جوخاتمو آڻڻ لاءِ پوليس کي سختي سان هدايتون جاري